# اعلىٰ حضرت جو اعلىٰ ڪردار

**21-June-2018**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

**(For Islamic Brothers)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اعلي حضرت جو اعليٰ ڪردار

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نه هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (اَلْبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۳۱ حديث: ۳٦٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت ۽ پائيچارو (پائيبندي)!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! 10 شوال المڪرم يومِ ولادتِ احمد رضا آهي ۽ اسان جي آقا اعليٰ حضرت، امام ِاهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ذاتِ مبارڪ ڪي سمورن وصفن مثال طور عبادت، رياضت، تقويٰ، پرهيزگاري، عشقِ رسول، اخلاق وڪردار ۾ ٻين چڱين وصفن ۾ ڪمال حاصل هو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اعليٰ ڪردار جون ڪجهہ جهلڪيون ۽ اِيمان افروز واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اچو! پهريان هڪ نصيحت آموز واقعو ٻڌو.

## تڪبُّر کان اعلٰي حضرت جي ناپسنديدگي

خليفهء اعليٰ حضرت مولانا سيد ايّوب علي رضوي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي هڪ صاحب جنهن جو نالو مون کي ياد ناهي، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مجدد دين و ملت، حضرتِ علامہ مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ ڪڏهن ڪڏهن انهن وٽ تشريف وٺي ويندا هئا. هڪ ڀيري حضور (اعليٰ حضرت) انهن وٽ تشريف فرما هئا تہ انهن جي پاڙي جو ويچارو هڪ غريب مسلمان اچي ٽٽل پراڻي کٽ تي جيڪا اڱڻ جي هڪ پاسي تي رکيل هئي ڊڄندي وينو ئي هو جو ان صاحب ڪاوڙ ڀري نگاهن سان اُن ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو ايستائين جو هو شرم کان ڪنڌ جهڪائي اُٿي هليو ويو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي گهر جي مالڪ جي ان مغرورانہ طور طريقي سبب سخت تڪليف پهتي، پر ڪجهہ نہ فرمايائون، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اُهي پاڻ (اعليٰ حضرت) وٽ آيا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي کٽ تي جڳهہ ڏني، اُهي وينا ئي هئا تہ ايتري ۾ ڪريم بخش حجام (Barber) حضور (اعليٰ حضرت) جي حجامت جي لاءِ آيا، اُهي ان فڪر ۾ هئا تہ ڪِٿي ويهان؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: "ياءُ ڪريم بخش! ڇو بيٺا آهيو؟ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن" ۽ اُن صاحب جي برابر ۾ ويهڻ جو اشارو فرمايو، اُهي ويهي رهيا، پوءِ اُن صاحب جي غُصي جي اها ڪيفيت هئي جو جيئن نانگ شوڪارا هڻندو آهي، اُهو هڪدم اُٿي هليو ويو، وري ڪڏهن نہ آيو.

(حياتِ اعلیٰ حضرت،۱/۱۰۵ ملخصاً)

تُو نے باطل کو مِٹا کر دِین کو بخشی جِلا
سُنَّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! اعليٰ حضرت، امام اهلسنت رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه دِيني ڀائيچاري ۽ مسلمانن ۾ برابري جي فضا قائم رکڻ جي حوالي سان

ڪيترو زبردست مدني ذهن رکندا هئا. پاڻ عملي طور تي اسان کي اهو ٻڌايو تہ ڪو مسلمان چاهي ڪيترو ئي امير ۽ ڪبير هجي، دنيوي عزّت ۽ مرتبي وارو هجي يا ڪنهن اعليٰ خاندان سان تعلُّق رکندو هجي ان کي هر گز هرگز اهو حق ناهي تہ ڪنهن مسلمان کي پاڻ کان گهٽ سمجهي، ڪنهن جائز پيشي واري کي ماڻهن اڳيان ذليل ڪري بلڪ هڪ مسلمان هئڻ جي ناطي هر هڪ سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ، ايندڙ جي دِلجوئي جي لاءِ مُسڪرائي ملڻ ان کي عزّت سان ويهارڻ ۽ مسلمانن ۾ مساوات (برابري) قائم رکڻ اسلام جي روشن تعليمات جو حصو آهي پر افسوس! صد افسوس! اڄ اسان اسلامي تعليمات کي ڇڏي خبر ناهي ڪهڙي پاسي هلڻ لڳا آهيون ۽ پنهنجي قوم (Nation)، زبان (Language) ۽ نسب (Caste) جي ڪري فخر ڪيون ٿا ۽ پاڻ کي ٻين کان افضل ۽ اعلٰي سمجهون ٿا جڏهن تہ اللّٰہ پاڪ وٽ اهو ئي مسلمان وڌيڪ عزّت ۽ مان وارو آهي جيڪو تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ ٻين کان وڌيڪ هجي، جيئن سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرات جي آيت نمبر 13 ۾ اِرشاد آهي:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ (پ٢٦،الحجرات:١٣)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اللّٰہ وٽ توهان ۾ زياده عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن آيت سڳوري تحت فرمائن ٿا: سيني انسانن جو اَصل حضرت آدم و حوّا (عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْها) آهن ۽ انهن جو اَصل مٽي آهي تہ توهان سيني جي اَصل مٽي ٿي پوءِ نسب تي آڪڙجڻ ۽ فخر ڪرڻ ڇو. انسان کي مختلف نسب ۽ قبيلا ٺاهڻ هڪ ٻئي جي سڃاڻپ جي لاءِ آهي نہ اهو فخر ڪرڻ ۽ آڪڙجڻ جي لاءِ.

اڄ اسان جي معاشري ۾ اها بيماري گهٽي عام ٿيندي پئي وڃي جنهن کي ڏسو پنهنجي خاندان ۽ قوم کي اعليٰ سمجهندي فخر ڪري ٿو ۽ ٻي قوم

۽ زبان وارن کي ڪمتر سمجهڻ لڳي ٿو، جنهن سبب اسلامي ڀائيچارو ختم ٿيندو پيو وڃي ۽ پاڻ ۾ نفرتون ۽ دشمنيون وڌي رهيون آهن. ڪڏهن اهي دُشمنيون لڙائي جهيڙن، مارڪٽ ڪان وڌي ڪري قتل و غارت گري تائين پهچي وينديون آهن جڏهن تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو:

اي انسانو! توهان جو رَبّ هڪ آهي ۽ توهان جا والد هڪ آهن، ٻڌي وٺو! ڪنهن عربي کي عجمي تي، ڪنهن عجمي کي عربي تي، ڪنهن گوري کي ڪاري تي ۽ ڪنهن ڪاري کي گوري تي ڪا فضيلت حاصل نہ آهي، البت جيڪو پرهيزگار آهي اهو ٻين کان افضل آهي، بيشڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ توهان مان وڌيڪ عزّت وارو اهو آهي جيڪو توهان ۾ وڌيڪ پرهيزگار آهي.

(شعب الايمان ،باب في حفظ اللسان، فصل في حفظ اللسان عن الفخربالاباء ، ۴/۲۸۹، حديث: ۵۱۳۷ )

بنادے مجھ کو الٰہی خلوص کا پیکر قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یاربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت،امام اهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جوهڪ ڪارنامو اهو بہ آهي جو پاڻ امت جي آساني ۽ خير خواهي جي جذبي جي تحت علم جي نشر و اشاعت جي لاءِ نهايت بهترين ۽ زبردست ترجمہ قرآن"ڪنزالايمان" جو املا ڪرايو، جنهن کي علماء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن بلڪل شريعت جي موافق سمجهو. اچو اعليٰ حضرت، امام اهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي انهيءَ ترجمہ قرآن"ڪنزالايمان" جون ڪجھ خاصيتون ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## ترجمہ قرآن ڪنزالايمان جون خاصيتون

اعليٰ حضرت،امام اهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پاڪ ۽ هند جا اهي عظيم ترين مُتَرجم (ترجمو ڪرڻ وارا) آهن جن قرآن ڪريم جو اهڙو ترجمو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ روح قرآن جي حقيقي جهلڪ موجود آهي، حيرت ۽ تعجب جي ڳالهہ

اها آهي جو لفظي ترجمو هئڻ سان گڏو گڏ با محاورو بہ آهي ۽ هي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ترجمي جي تمام وڏي خوبي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ترجمو ڪرائڻ وقت هن ڳالهہ جو خاص خيال رکيو آهي تہ ترجمو لغت جي مطابق هجي ۽ الفاظ جي مختلف معنٰي مان اهڙي معنٰي جو انتخاب ڪيو وڃي جيڪا پهرين ۽ بعد واري آيت جي تعلق کي قائم رکي سگهي. هن ترجمي سان قرآني حقائق، علم ۽ معرفت جا اهي پوشيده راز ظاهر ٿين ٿا جيڪي عام طور تي ٻي ترجمي سان واضح نہ ٿا ٿين اعليٰ حضرت،امام اهلسُنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ترجمي جي هڪ ظاهر خاصيت هي بہ آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هر مبارڪ مقام تي انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ادب ۽ احترام ۽ عزت ۽ پاڪدامني جو خاص لحاظ رکيو آهي.(فيضان اعلي حضرت، ص 476) ترجمہء ڪنزالايمان علم ۽ حڪمت جو خزانو ۽ ايمان جي حقيقي دولت آهي. ترجمہء ڪنزالايمان ۾ احاديث مبارڪہ، تابعين و تبع تابعين جا اقوال ۽ سلف ۽ سالحين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي قابل احتماد تفسيرن جو خلاصو بہ موجود آهي. ترجمہء ڪنزالايمان دنيا جو بهترين ترجمہء قرآن آهي، جيڪو ڪنهن لائبريري ۾ ويهي يا ڪنهن ٻي ترجمي کي ڏسي يا تفسيرن ۽ حديثن يا لغتن جي ڪتابن کي پڙهي ڪري ناهي ڪيو ويو بلڪ زباني لکرايو ويو آهي. (ماهنامه معارف رضا، ص 87، ڪراچي سيپٽمبر کان نومبر2008 عيسوي)

خدمت قرآنِ پاک کی وہ لاجواب کی　　　راضی رضا سے صاحبِ قرآں ہے آج بھی

احمد رضا کا تازہ گُلستاں ہے آج بھی　　　خورشیدِ علم اُن کا دَرخشاں ہے آج بھی

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينا قرآن ڪريم هڪ مڪمل ضِابط حيات ۽ سلامتي ۽ امن سان زندگي گزارڻ وارن دنيا جي سمورن مسلمانن جي لاءِ راهہ هدايت جو حقيقي چراغ آهي، جنهن جي مفهوم ۽ مطلب کي سمجهڻ جي لاءِ هن جو آسان ترجمو هئڻ ضروري آهياَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي رائج تمام اردو ترجمن ۾ سڀ کان بهترين اردو ترجمو"ترجمہء ڪنزالايمان" آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي مصروف زندگي مان ڪجهہ وقت

ڪيڍي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جو معمول بڻايون. شيخِ طريقت، اميراهلسنت، بانيِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ترجمي ۽ تفسير سان گڏ روزانو تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي لاءِ، اسلامي ڀائرن جي مدني انعامات نمبر 21 ۾ فرمائن ٿا: ڇا اڄ اوهان ڪنزالايمان مان گھٽ مان گھٽ 3 آيتون (ترجمي ۽ تفسير سان گڏ) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

جيڪڏهن اسان هن مدني انعامات تي روزانو عمل ڪريون تہ قرآنِ ڪريم جي برڪت سان اسان جي گھرن ۾ خير ۽ برڪت جو نزول ٿيندو رهندو، ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ جي برڪت سان علم دين ۾ اضافو ٿيندو قرآن ڪريم کي سمجھڻ ۾ آساني ٿيندي، معلومات جو خزانو حاصل ٿيندو. مڪتبة المدينہ کان جاري ٿيڻ واري عظيم الشّان تفسير بنام"صراط الجنان" جو بہ مطالعو ڪريو، هن تفسير ۾ بہ نهايت سٺي انداز سان معلومات جو خزانو امتِ مسلمہ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت ۽ ايثارِ مسلمين

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت،امام اهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اعليٰ ڪردار جو هڪ دليل اهو بہ آهي تہ پاڻ پنهنجي محبوب ۽ پسنديده شين کي ٻين تي اِيثار ڪندا هئا، اچو! هن باري ۾ بہ (2) واقعا ٻڌو.

## منهنجي خوشي انهيءَ ۾ آهي:

هڪ شخص گھٽي خوبصورت سَوَڙ (رضائي) پارسل جي ذريعي سندن بارگاه ۾ موڪلي، مولوي امجد رضا صاحب جو بيان آهي "جنهن وقت اهو پارسل بريلي پهتو ان وقت مان بہ خدمت ۾ حاضر هئس، سِيل ۽ مهر جدا ڪرڻ کان پوءِ پارسل کوليو ويو ۽ سوڙ (رضائي) نڪتي، اعليٰ حضرت ان کي ڏسي گھڻا خوش ٿيا ۽ جيترا ماڻهو ان وقت گھر ۾ موجود هئا سڀني گھڻو

پسند ڪيو ۽ گهٽي واڪاڻ ڪئي ۽ واقعي اها سوڙ (رضائي) هر اعتبار ڪان ساراهه لائق هئي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سيني جي اصرار تي ان کي ويڙهي ۽ ڪٽ تي تشريف فرما ٿيا ته منهنجي زبان مان بي اختيار اهو جملو نڪتو ”واقعي گهٽي عمده سوڙ (رضائي) آهي، جوانن جي لائق آهي“ اهو ٻڌندي ئي اعليٰ حضرت اها سوڙ (رضائي) مون کي عطا ڪئي ته تون ان کي ويڙهه، جڏهن ته مون ان غرض سان اهو جملو نه چيو هو، پر اعليٰ حضرت اصرار ڪري مون کي عنايت ڪئي ۽ ارشاد فرمايائون ته ”منهنجي خوشي انهيءَ ۾ آهي“. (حياتِ اعليٰ حضرت ،ص 129)

مصطفٰے کا وہ لاڈلا پیارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

## ڇٽي حاجتمند کي عطا ڪئي:

برسات واري موسم ۾ ڪڏهن ڪڏهن مسجد جي حاضري دوران برسات ٿيندي هئي. حاجي ڪفايتُ الله صاحب ان تڪليف کي محسوس ڪندي هڪ ڇٽي (Umbrella) خريد ڪري پيش ڪئي ۽ پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏي ته جڏهن اعليٰ حضرت گهران ٻاهر ايندا هئا ته حاجي صاحب ڇٽي کولي مسجد تائين هلندا هئا، اجا ڪجهه ئي ڏينهن گذريا هئا جو هڪ حاجت مند ڇٽي جو سوال ڪيو پاڻ هڪدم اها ڇٽي حاجي صاحب کان وٺي ڪري ان حاجت مند کي عطا ڪري ڇڏي. (حياتِ اعليٰ حضرت ،ص۱۱۸)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو ته! اسان جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۾ ايثار وسخاوت جو ڪيترو جذبو هو جو ضرورت جي باوُجُود پنهنجون شيون ٻين کي ايثار ڪندا هئا ڇوته پاڻ کي بخوبي خبر هئي ته اسلام اسان کي پاڻ ۾ همدردي جو پيغام ڏئي ٿو، مسلمانن سان خيرخواهي جو درس ڏئي ٿو، هڪ ٻي جي دل ۾ محبت پيدا ڪرڻ جي لاءِ جائز طريقي سان تحفا ڏيڻ جي

تعليم ڏي ٿو، ان ڪري پاڻ خيرخواهي ڪندي خوشي خوشي پنهنجي ذات تي ٻين مسلمانن کي ترجيح ڏني. حديثِ پاڪ ۾ آهي ”جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکي ٿو، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ٻئي کي) ترجيح ڏي، تہ الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ (جمع الجوامع للسيوطي ،حرف الهمزه،۳/۳۸۴حديث :۹۵۴۲ )

اميرِاهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تاليف ”فيضانِ سُنَّت“ ۾ پنهنجي ذات تي ٻين کي ترجيح ڏيڻ جي باري ۾ هڪ نهايت ئي خُوبصورت حڪايت نقل ڪن ٿا.

حَضرتِ سيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون شيخ احمد حمّادي سَرخَسي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان سندن **توبهہ** جو سبب پُڇيو تہ چوڻ لڳا، هڪ ڀيري آءُ پنهنجي اُٺن کي وٺي ”سرخَس“ کان روانو ٿيس. سفر دؤران جهنگ ۾هڪ **بُکايل شينهن** منهنجو هڪ اُٺ زخمي ڪري ڪيرائي وڌو ۽ وڏي دڙي تي چڙهي آواز ڪرڻ لڳو، ان جو آواز ٻُڌندي ئي گهڻا درندا گڏ ٿي ويا شينهن هيٺ لٿو ۽ ان انهيءَ **زخمي اُٺ** کي چيري ٽڪرا ڪيو پر پاڻ ڪجهہ نہ کاڌائين بلڪ ٻيهر ان دڙي تي وڃي ويٺو، گڏ ٿيل درندا اُٺ تي ڪڙڪي پيا ۽ کائي هليا ويا، باقي بچيل گوشت کائڻ جي لاءِ شينهن ويجهو آيو تہ هڪ **منڊي لومڙي** پري کان اچڻ لڳي، شينهن واپس پنهنجي جاءِ تي هليو ويو. لومڙي ضرورت موجب کائي جڏهن هلي وئي تڏهن شينهن ان گوشت مان ٿورڙو کاڌو. مان پري کان هي سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيس، **اوچتو شينهن مون ڏانهن رخ ڪيو ۽ صاف لفظن ۾ چوڻ لڳو، ”احمد! هڪ گرهہ جو ايثار تہ ڪُتن جو ڪم آهي راهِ حق جا مرد تہ پنهنجي جان بہ قربان ڪري ڇڏيندا آهن.“** مون هن انوکي واقعي کان متاثر ٿي پنهنجي تمام گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ دنيا کان پاسو ڪري پنهنجي الله پاڪ سان دل لڳائي.“ (ڪشف المحجوب،باب في فرق فرقهم في مذاهبهم الخ، ص۲۰۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! **بُکايل شينهن** پنهنجو شڪار ٻين جانورن

تي ايثار ڪري بُک برداشت ڪرڻ جو بهترين مثال قائم ڪيو ۽ وري الله پاڪ جي عطا سان ان ڪيڏي زبردست نصيحت ڪئي جو "هڪ گِرهه جو ايثار نہ ڪُتن جو ڪم آهي مرد کي گهرجي تہ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي."

ہمیں بُھوکا رہنے کا اَوروں کی خاطر عَطا کر دے جَذبہ عطا یا الٰہی

## اِيثار جو ثواب مفت حاصل ڪرڻ جو نسخو

اي ڪاش! اسان کي بہ ايثار جو جذبو نصيب ٿئي، جيڪڏهن خرچ ڪرڻ جي دل نہ چاهي تہ بنا خرچ جي ايثار جا ڪئي موقعا ملي سگهن ٿا، مثال طور ڪٿي دعوت تي پهتاسون، سيني جي لاءِ ڪاڏو لڳايو ويو تہ اسان سٺيون بوٽيون وغيره هن نيت سان نہ ڪڍون جو اسان جو ٻيو ڀاءُ کائي وٺي، گرمي آهي ڪمري جي اندر يا سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ مسجد اندر وڏيڪ اسلامي ڀائر سمهڻ چاهن ٿا، پاڻ پکي هيٺ قبضو ڪرڻ بدران ڪنهن ٻي اسلامي ڀاءُ کي موقعو ڏئي ايثار جو ثواب ڪمائي سگهو ٿا، اهڙي طرح بس يا ريل ۾ رش جي صورت ۾ ٻي اسلامي ڀاءَ کي منٿ ڪري پنهنجي سيٽ تي ويهاري ۽ پاڻ بيهي ڪري ايثار جو ثواب ڪمائي سگهو ٿا، ڪار ۾ سفر جو موقعو ملڻ باوجود ٻي اسلامي ڀاءَ جي لاءِ قرباني ڏئي ان کي ڪار ۾ ويهاري ۽ پاڻ پيدل يا بس وغيره ۾ سفر ڪري ايثار جو ثواب ڪمائي سگهو ٿا، سنتن ڀريي اجتماع ۾ آرام واري جڳهہ ملي تہ ٻي اسلامي ڀاءَ لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪري يا ان کي اها جڳهہ پيش ڪري ايثار جو ثواب ڪمائي سگهو ٿا، کاڌو گهٽ هجي ۽ کائڻ وارا وڏيڪ هجن تہ پاڻ گهٽ کائي يا بلڪل نہ کائي ۽ اهڙن بيشمار موقعن تي پنهنجي نفس کي ٿوري تڪليف ڏئي مفت ۾ ايثار جو ثواب ڪمائي سگهجي.

(مدينے کی مچهلي ،ص٢٧)

سَخاوت کی خَصلت عنایت ہو یارَبّ

دے جذبہ بھی اِیثار کا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فتاوي نويسي جو آغاز ”فتاوي رضويہ“ جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان دين جون اهڙيون بي مثال علمي خدمتون سرانجام ڏنيون جو اڄ تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نالي جي ڌوم مچل آهي. انهيءَ ڪارنامن مان هڪ بهترين ۽ زبردست علمي ڪارنامو فتاوي رضويہ جون 30 جلدون آهن. جيڪي تقريبا ٻاويهہ هزار(22000)، صفحن، ڇهہ هزار اٺ سو ستيتاليهہ (6847) سوالن جا جواب ۽ ٻہ سو ڇهہ (206) رسالن تي مشتمل آهن. جڏهن تہ هزارين مسئلہ ضمنا زير بحث آيا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فتاوي رضويہ قرآن، حديث، اجماع ۽ فقهاءِ ڪرام جي جزئيات سان آراستہ هر قسم جي مسئلن جو اهڙو حسين گلدستو آهي، جيڪو رهندي دنيا تائين ماڻهن جي قلب ۽ فڪر کي پنهنجي بهترين خوشبو سان مهڪائيندو ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزارِ پر انوار تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بلند درجن ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجندو رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## فتاوي رضويہ جون خاصيتون

اچو! هاڻي اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فقهي مقام کي سمجهڻ جي لاءِ مسائلِ فقہ سان آراستہ بي مثال فتون تي مشتمل مجموعو بنام” فتاوي رضويہ“ جي خاصيتن مان ڪجهہ خاصيتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن تہ

فتاوي رضويہ ۾ علمِ حديث ۽ علمِ فقہ جي ڪتابن جو ڀرپور علم موجود آهي❖ فتاوي رضويہ ۾ نادر ۽ ناياب حوالن جو بہ جڳهہ جڳهہ تي ذڪر ڪيو ويو آهي❖ فتاوي رضويہ ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ جديد مسئلہ بہ حل ڪيا ويا آهن❖فنِ رياضي ۽ علمِ توقيت سان گڏو گڏ علمِ ميراث جي متعلق بہ نادر ۽ ناياب تحقيق موجود آهي. بين مذاهبِ( فِقهيہ) جي قانونن ۽ جزيات جو علم بہ شامل آهي❖ هر مسئلي ۾ قرآن ۽ سنت جي پيروي جو اهتمام

ڪيو ويو آهي❖ بدعات ۽ منڪرات جو ايمان افروز ردّ ڪيو ويو آهي❖ ان جي علاوه سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي جو وڏن وڏن مفتين کي فقهي مسئلن جي معاملي ۾ وقت بہ وقت فتاوي رضويہ جي ضرورت پوندي آهي، گهڻا مفتي سڳورا فتاوي ڏيڻ جي معاملي ۾ خاص ڪري فتاوي رضويہ مان مدد وٺندا آهن ۽ اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آئنده بہ وٺندا رهندا.(آئينهء رضويات، حصو 2، ص اداره تحقيقاتِ امام احمد رضا ڪراچي)

مسلکِ حق کی ضمانت ہے ترا نام رضا
شانِ تحقیق ادا کر گیا خامہ تیرا

فاضل ایسا کہ دیا ربّ نے تجھے فضلِ کبیر
عالِم ایسا کہ ہر عالَم ہوا شیدا تیرا

ہر ورق تیرا شریعت کی دلیلِ روشن
ایک قانونِ مکمل ہے فتاویٰ تیرا

تری تحریر پہ اَنگُشت بدنداں تھا عرب
تیری تقریر تھی کہ قادری تیغا تیرا

## اعلٰي حضرت ۽ حُقوقُ العِباد!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اعليٰ حضرت، امامِ اهلسُنّت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي اعليٰ ڪردار جو اندازو هن ڳالهہ مان بہ بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ حُقُوقُ اللّٰه جي ادائيگي سان گڏوگڏ حقوقُ العباد (ٻانهن جي حقن) جي باري ۾ گهڻا حسّاس هئا جوتہ پاڻ کي خبر هئي تہ حقوقُ العباد جو مُعاملو حقوقُ اللّٰه کان بہ وڌيڪ نازڪ آهي. اچو! حقوقُ العباد جي باري ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو دلچسپ واقعو ٻڌو ۽ سندن سيرت تي عمل ڪرڻ جي نيت ڪريو،

## ٻارڪان معافي گهري

هڪ ڀيري اعليٰ حضرت بريلي شريف جي مسجد ۾ معتڪف هئا. پاڻ افطار کان پوءِ ماني نہ کائيندا هئا صرف پان کائيندا هئا. جڏهن تہ سحري مهل گهران صرف هڪ ننڍي پيالي ۾ ڪيرٽي ۽ هڪ پيالي ۾ چٽني ايندي هئي، اهو کائيندا هئا، هڪ ڏينهن شام جو پان نہ آيا ۽ سندن اها پڪي عادت هئي تہ

ڪاڏي جي ڪا شيءِ طلب نہ ڪندا هئا، پاڻ خاموش رهيا پر طبيعت ۾ ناگواري ضرور پيدا ٿي. مغرب کان ڪم و پيش ٻن ڪلاڪن کان پوءِ گهر جي ملازم هڪ ٻار پان آندائين، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي هڪ هلڪي چماٽ هڻي فرمايائون: ايتري دير سان چو ڪٺي آئين؟ پر پوءِ پاڻ کي خيال آيو تہ هن ويچاري جو تہ ڪو قصور نہ هو، قصور تہ دير سان موڪلڻ واري جو هو.

تہ پوءِ سحري کان بعد ان ٻار کي گهرايائون جيڪو شام جو پان دير سان ڪٺي آيو هو ۽ فرمايائون: شام جو مون غلطي ڪئي جو توکي چماٽ هنئي، دير تہ موڪلڻ واري جو قصور هو، تنهنڪري تون منهنجي مٿي تي چماٽ هڻ ۽ ٽوپي لاهي اصرار ڪندا رهيا. ٻيا معتڪف اهو ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ويا ۽ اهو ٻار بہ گهڻو پريشان ٿي ڏڪڻ لڳو. ان هٿ ٻڌي عرض ڪيو: حضور! مون کي معاف ڪيو. فرمايائون: تون نابالغ آهين توکي معاف ڪرڻ جو حق ناهي، تون چماٽ هڻ. پر هو هڻڻ جي همت نہ ڪري سگهيو. پاڻ پنهنجو بڪس (Box) گهرائي مٺ ۾ پئسا ڪڍيا ۽ اهي پئسا ڏيکاري فرمايائون: مان توکي هي ڏيندس، تون چماٽ هڻ. پر اهو ويچارو اهو ئي چوندو رهيو، حضور! مون کي معاف ڪيو. آخرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جو هٿ پڪڙي ڪيئي چماٽون پنهنجي مٿي مبارڪ تي ان جي هٿان هنيون ۽ پوءِ ان کي پئسا ڏئي موڪلي ڇڏيائون. (حياتِ اعليٰ حضرت، ١/١٠٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجن چاهيندڙن کي عملي طور تي اهو ٻڌايو تہ چاهي ڪو ڪيتري ئي وڏي منصب (Post) تي فائز ڇو نہ هجي، جيڪڏهن ان کان ڪنهن جي حق تلفي ٿي وڃي تہ ان کان معافي گهرڻ ۾ هرگز شرم محسوس نہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ حقوقُ العباد جو معاملو نهايت نازڪ آهي. هن جي ڪري انسان ڪيئي گناهن ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو جيڪو ان جي لاءِ دنياوي ۽ اُخروي نقصانن جا سبب بڻجي سگهن ٿا، مثال طور حُقُوقُ العِباد اَدا نہ ڪرڻ سان انسان ٻين جي دل آزاري جهڙي ڪبيره

گُناهہ ۾ مبُتلا ٿي سگهي ٿو ۽ اها دل آزاري، حسد، ڪيني، بُغض ۽ دُشمني جهڙن ڪئي گُناهن تي اُڀاري سگهي ٿي. هنن گُناهن ۾ پوڻ سبب غيبتن، چغلين، تهمتن، بدگمانين ۽ ڪيئي ڪبيره گُناهن جو دروازو کلي ويندو آهي، جن جا حق تَلَف ڪيا آهن انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ بروزِ قيامت پنهنجون نيڪيون بہ ڏيڻيون پونديون ۽ نيڪيون نہ هئڻ جي صورت ۾ انهن ماڻهن جي گناهن جو بار کڻڻو پوندو ۽ ائين جنَّت کان محروم ٿي عبرتناڪ اَنجام کي منهن ڏيڻو پوندو.جيئن

## حقيقي مفلس ڪير؟

تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو تہ ڇا توهان کي خبر آهي تہ مفلس ڪير آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن شخص وٽ درهم ۽ ٻئي قسم جومال نہ هجي اهو مفلس آهي. نبيِ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”منهنجي اُمت ۾ سڀ کان وڏو مفلس اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا ۽ زڪوٰة جهڙيون نيڪيون کڻي ميدان حشر ۾ ايندو پر ان جو حال هي هوندو تہ ان دنيا ۾ ڪنهن کي گار ڏني هوندي، ڪنهن تي تهمت لڳائي هوندي، ڪنهن جو مال ناحق کاڌو هوندو، ڪنهن جو رت وهايو هوندو،ڪنهن کي ماريو هوندو، تہ اهي سڀ حق وارا پنهنجا پنهنجا حق طلب ڪندا تہ الله پاڪ ان جي نيڪين مان حق وارن کي انهن جي حق جي برابر نيڪيون ڏياريندو. جيڪڏهن ان جي نيڪين مان تمام حق ادا نہ ٿي سگهيا بلڪ نيڪيون ختم ٿي ويون ۽ حق باقي رهجي ويا تہ الله پاڪ حڪم ڪندو تہ تمام حق وارن جا گناهہ ان جي مٿي تي لڏيو، تنهنڪري اهو سڀ حق وارن جي گناهن کي مٿي تي کڻندو پوءِ جهنم ۾ وڃي ويندو.

(مسلم،ڪتاب البروالصلة والاداب،باب تحريم الظلم،ص ١٠٦٩، حديث:٦٥٧٩)

گُناہوں کے کھلے دفتر کھڑا ہوں آہ! میزاں پر نہیں ہیں نیکیاں اب کیا کروں گا یا رَسُوْلَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعلٰي حضرت ۾ شفقت ۽ خير خواهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي سيرتِ مبارڪ جو هڪ پهلو هي به آهي ته پاڻ دُعا گهرڻ وقت پنهنجي عزيزن، مائٽن، دوستن، مُريدن ۽ ٻين مسلمانن جي لاءِ دعا جو خُصوصي اهتمام ڪندا هئا، اچو! ان جا ڪجهه مثال ملاحظ ڪريو، جيئن

## دُعا جي لاءِ فهرست ٺاهي

(1) پاڻ پنهنجن عزيزن، مائٽن، اصحاب واحباب ۽ خاص خاص مُريدن جي نالن جي هڪ وڏي فهرست ٺاهي هئي. فجر نماز کان پوءِ پنهنجي ورد وظيفن جي آخر ۾ اُنهن سڀني جي لاءِ نالو وٺي دُعا ڪندا هئا. ماڻهو هن ڳالھ جي تمنا (Wish) رکندا هئا ته انهن جو نالو به هن فهرست ۾ شامل ٿي وڃي.

کہتے رہتے ہیں دعا کے واسطے بندے ترے کردے پُوری آرزو ہر بیکس و مجبور کی

## سڀني جي لاءِ دُعا ڪيان ٿو

(2) حضرت سيد ايوب علي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان گهڻو پريشان هئس، دُعا جو طالب ٿيس ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه دُعا ڪئي ۽ گڏوگڏ مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ سيد قناعت علي کي ارشاد فرمايائون: توهان ٻنهي جو نالو به مون دُعا جي فهرست ۾ شامل ڪري ورتو آهي جيڪا آهسته آهسته گهٽي ڊگهي ٿي وئي آهي اهي سمورا نالا مون کي حفظ آهن، روزانو نالو وٺي سڀني جي لاءِ دُعا ڪندو آهيان. (فيضان اعلي حضرت ، ۱۸۰)

## جنازي ۾ ڪثرت سان دُعا گهرندا هئا

(3) امامِ اهلسنت تمام عوامِ اهل سنت جي لاءِ درد مند دل رکندا هئا، پاڻ اڪثر ڪري جنازن ۾ ويندا هئا ۽ ميت سان همدردي جو ائين اظهار ڪندا هئا تہ جنازي دوران ۽ جنازي کان بعد ميت جي لاءِ ڪثرت سان دُعا ڪندا هئا. پاڻ جنهن خوش قسمت جي جنازي نماز پڙهائيندا هئا تہ حاضرين کي ائين معلوم ٿيندو هو تہ پاڻ پنهنجي پرزور شفاعت سان ان جي مغفرت ڪرائي رهيا آهن.
(حياتِ اعليٰ حضرت، 552)

## ماءُ پيءُ، استاد ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ دُعا جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت تي هلندي دعا جي هن ادب جو لحاظ رکندي نہ صرف پنهنجي لاءِ بلڪ پنهنجي ماءُ پيءُ، استادن، رشتيدارن ۽ سڀني مسلمانن جي لاءِ بہ دعا ڪرڻ گهرجي. حضرت سَيِدُنا ابُو الشيخ اصبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضرت سَيدُنا ثابت بُناني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت ڪئي: اسان کي ٻڌايو ويو تہ جيڪو شخص مسلمان مَردن ۽ عورتن جي لاءِ ڀلائي جي دعا ڪندو آهي، قيامت جو ڏهن انهن جي مجلسن وٽان گذرندو هڪ چوڻ وارو چوندو: هي اهو آهي جيڪو توهان لاءِ دُنيا ۾ دُعاءِ خير ڪندو هو پوءِ اهي ان جي شفاعت ڪندا ۽ بارگاهِ اِلٰهي ۾ عرض ڪري ان کي جنت ۾ وٺي ويندا.

قرآنِ ڪريم ۾ مسلمانن جي لاءِ دُعا ڪرڻ جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ
(پ٢٦، محمد: ١٩)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اي محبوب پنهنجي خاصن ۽ عام مسلمان مردن ۽ عورتن جي گناهن جي معافي گهر.

حديث ۾ آهي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ شخص کي اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ (يعني اي الله! منهنجي مغفرت فرما) چوندي ٻڌو، فرمايائون: جيڪڏهن سڀني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪرين ها تہ تنهنجي دُعا مقبول ٿئي ها.

(ردّ المحتار، كتاب الصلاة، باب صفة الصلاة، آداب الصلاة، مطلب: في الدعاء بغير العربية،۲/۲۸٦)

حضرتِ سَيدُنا عُباده بن صامِت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا تہ مون رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هي فرمائيندي ٻڌو: مَنِ اسْتَغْفَرَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ كَتَبَ اللهُ بِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ حَسَنَةً يعني جيڪو شخص سيني مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ استغفار ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ هر مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت جي بدلي هڪ نيڪي لکندو. (مجمع الزوائد، كتاب التوبة، باب الاستغفار للمؤمنين والمؤمنات، ۱۰/۳۵۲، حديث: ۱۷۵۹۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوش ٿيو! اربين، کربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو هٿ اچي ويو! ظاهر آهي هن وَقت سڄي زمين تي ڪروڙين مسلمان موجود آهن ۽ ڪروڙين بلڪ اَربين دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن. جيڪڏهن اسان سڄي اُمّت جي بخشش جي لاءِ دعا ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي اَربين، ڪربين نيڪين جو خزانو ملي ويندو. ٿي سگهي تہ پنجن نماز کان بعد اوّل آخر درود شريف پڙهي سيني مؤمنين ۽ مؤمنات جي مغفرت جي لاءِ اها دعا ڪريو ۽ کوڙ نيڪيون ڪمايو.

اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی وَلِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّمُؤْمِنَةٍ

يعني اي الله! منهنجي ۽ هر مومن ۽ مومِنہ جي بخشش فرما.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ گناهن کان بچي فڪرِ آخرت جو جذبو وڌائڻ ۽ نيڪين تي اِستقامت، پنهنجي والدين جي لاءِ ايصالِ ثواب ۽ دعائون ڪرڻ جي جذبي سان سرشار ٿيڻ چاهيون ٿا تہ اڄ ئي عاشقان رسول

جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم "يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف" بہ آهي. موڪل واري ڏينهن شهر جي ڪمزور ۽ قريبي علائقن ڳوٺن ۾ وڃي اتي جي مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي عاشقان رسول کي نيڪي جي دعوت ڏئي علم دين سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. ❖ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ يوْمِ تَعطِيل اِعتِڪاف اسلامي ڀائرن کي سُنّتون، آداب ۽ مَدَني دَرس وغيره جو طريقو سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي. ❖ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِدون آباد ٿين ٿيون. ❖ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجد ۾ گذرندڙ هر هر لَمحو عِبادَت ۾ شُمار ٿيندو. ❖ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِد سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو گهڻي کان گهڻو وَقت گُذارڻ جي فضيلت حاصل ٿيندي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجو گهڻو وَقت مسجد ۾ گذارڻ جي بہ ڇا خوب فضيلت آهي

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاه نُبُوّت صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیه واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 10، سُورَةُالتَّوْبَه آيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ

(پ ١٠، التوبه :١٨)

**ترجموڪنز الايمان:** الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجا ء في حرمة الصلوة، ٢٨٠/٤،رقم: ٢٦٣٦)

اچو! ترغيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا،

## مان پتنگ بازي (لغڙ اڏائڻ) جو شوقين هئس!

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي اڳوڻي زِندگي گُناهن ۾ گذري رهي هئي، پتنگ بازي جو بہ شوقين هو، ويڊيو گيمز ۽ بلور راند کيڏڻ وغيره ان جي مشغلن ۾ شامل هو. هر هڪ جي مُعامَلي ۾ ٽنگ اَڙائڻ، ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي ڦڏو ڪرڻ جهڙين بُرائين ۾ گرِفتار هو. خُوش قسمتي سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي اِنفِرادي ڪوشِش تي هن رَمَضانُ المُبَارَڪ جي آخري عَشري ۾ پنهنجي عَلائقي جي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيو، جتي ان کي سنا سنا خواب نظر آيا ۽ گهڻو سُڪون مليو. ان ڪان پوءِ ان وڌيڪ 2 سال اعتڪاف جي سَعَادَت حاصِل ڪئي. هڪ ڀيري ان جي مسجِد جي مُؤَذِّن صاحِب اِنفِرادي ڪوشِش ڪري اُن کي عالَمي مَدَني مرڪز فَيضانِ مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ وٺي آيو. هڪ مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي سُنّتن ڀريو بَيان ڪري رهيو هو، مُبَلِّغ جي چهري جي ڪشِش ۽ نُورانيت ان جي دل ڪٽي ورتي ۽ هو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اُن هڪ مُٺ ڏاڙهي بہ سجائي ورتي آهي.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر  گُناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ  گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مَئے عشق دیگا بَنا یہ  تمہیں عاشِقِ مُصطَفٰے مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!  صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اميرِ اهلسنّت جي مَحبتِ اعليٰ حضرت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت اميرِاهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو شمار اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سچي محبّين ۾ ٿئي ٿو جو جن کي اعليٰ حضرت جي شخصيت ۽ سندن علمي ڪارنامن ديوانو بڻايو. اهو ئي سبب آهي جو اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه امامِ اهلسنت، اعليٰ حضرت جي تعليمات جي مطابق دين متين

جي نهايت شاندار انداز ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. جنهن جو واضح ثبوت اوهان جون تاثير ڀريل تحريرون آهن، سنتن ڀريا بيان ۽ علم و حڪمت سان ڀرپور مدني مذاڪره آهن جو جيڪي ترجمهء قرآن ڪنز الايمان، فتاوي رضويہ جا جزيات ۽ حدائق بخشش جي رقّت ۽ سوز ڀريل اشعارن سان مزّين هوندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ عقيدت ۽ محبت جو صدقو آهي جو اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي زندگي جو پهريون رسالو اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سيرت جي باري ۾ لکيو، جنهن جو نالو ”تذڪرهء امام احمد رضا“ رکيو ۽ هي 25 صفر المظفر 1393 ھ جو ”يومِ رضا“ جي موقعي تي جاري ڪيو.

اعلیٰ حضرت سے ہمیں تو پیار ہے اِنْ شَآءَ الله اپنا بیڑا پار ہے

شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي اعلٰي حضرت سان عقيدت جو اندازو هن ڳالھ مان بہ آساني سان لڳائي سگهجي ٿو جو پاڻ پنهنجي مدني مذاڪرن ۽ ملاقات جي لاءِ اچڻ وارن عالمن ۽ مفتين سڳورن، جامعات المدينہ جي طالبن ۽ عام ماڻهن کي مسلڪِ اعلٰي حضرت تي قائم رهڻ ۽ امام اهلسنت جي ڪا ڳالھ سمجھ نہ اچڻ جي صورت ۾ اختلاف نہ ڪرڻ جي تاڪيد فرمائيندا آهن، هڪ ڀيري ارشاد فرمايائون: اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي اقُول(يعني فرمان) تي اسان جون عقُول(يعني عقلون) قربان. اعلٰي حضرت جو (هر) اقُول اسان کي قبول(آهي). هڪ ڀيري جامعات المدينہ جي تخصص في الفقہ (مفتي ڪورس) جي طالبن کي ارشاد فرمايائون: تہ اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جيڪي وليُ الله، سچا عاشقِ رسول ۽ اسان جا مُسَلّمہ بزرگ آهن، هن جي عقيدت کي دل جي گهرائي جي اندر سنيالي رکڻ بيحد ضروري آهي. الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي. اَلْبَرَكَةُ مَعَ اَكَابِرِ كُمْ يعني برڪت توهان جي بزرگن سان گڏ آهي.(مستدرڪ، ڪتاب الايمان، 238/1 حديث 218) توهان مان جيڪڏهن ڪنهن جو منهنجي آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان اختلاف جو معمولي بہ ذهن بڻجڻ شروع ٿي

وجي تہ سمجهي وجو، معاذالله عزوجل توهان جي بربادي جا ڏينهن شروع ٿي ويا، تنهنڪري هڪدم هوشيار ٿي وڃو ۽ اختلاف جي خيال کي غلط حرف وانگر دماغ مان مٽائي ڇڏيو، فتاوي رضويہ شريف ۾ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان ڪيل ڪو مسئلو جيتوڻيڪ توهان جو ذهن قبول نہ ڪري تڏهن بہ ان جي باري ۾ عقل جا گهوڙا نہ ڊوڙايو بلڪ نہ سمجهڻ کي پنهنجي عقل جي ئي گهٽتائي سمجهو.

مسلک کا تُو اِمام ہے اِلیاس قادری    تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری
فکرِ رضا کو کردیا عالَم پہ آشکار    یہ تیرا اُونچا کام ہے الیاس قادری
سَر مستیِ رضا کی ہر عالَم میں دھوم ہے    ساقیِ دورِ جام ہے الیاس قادری
سایہ ہے تِرے سر پہ دُعائے خواص کا    تُو مَرجعِ عوام ہے الیاس قادری

## اعليٰ حضرت ۽ خود داري!

حضرت مولانا سيد ايوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي تہ هڪ شخص تازي "بدايوني لڏوئن جي ٽوڪري (اعليٰ حضرت جي بارگاهہ ۾) پيش ڪئي. پاڻ ان کي فرمايو: "ڪيئن تڪليف ڪئي؟" انهن چيو تہ سلام ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو آهيان. اعليٰ حضرت سلام جو جواب ڏئي، ٿوري دير خاموش رهيا، وري پڇيائون: "ڇا ڪو ڪم آهي؟" انهن عرض ڪيو: "ڪو ڪم ناهي حضور! صرف مزاج پرسي لاءِ آيو آهيان." ارشاد فرمايائون: "عنايت ۽ نوازش" ۽ ڪجھ وقت چپ رهڻ کان پوءِ هنن لفظن سان مخاطب کي فرمايائون: "ڪو ڪم آهي؟" انهن وري انڪار ڪيو. ان کان پوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اها مٺائي گهر موڪلي ڇڏي.

هاڻي ان شخص ٿوري دير کان پوءِ هڪ تعويذ جي درخواست ڪئي، ارشاد فرمايائون: "مون تہ اوهان کان ٿي پيرا پڇيو هو، پر اوهان ڪجھ بہ نہ ٻڌايو، چڱو اوهان تشريف رکو." پنهنجي ڀاڻيجي علي احمد خان صاحب(جيڪو تعويذ

ڏيندو هو) ان کان تعويذ گهرائي ان شخص کي عطا ڪيائون ۽ حاجي ڪفايت الله اعليٰ حضرت جو اشارو ملندي ئي گهران اها مٺائي واري ٿوڪري گهرائي، اڳيان رکيائون هنن لفظن سان اها مٺائي موٽائي ڏنائون: ”هن ٿوڪري کي به کنيو وڃو، مون وٽ تعويذ وڪرو ناهي ٿيندو.“ ان گهڻي معذرت ڪئي، پر پاڻ قبول نه ڪيائون، نيٺ اهو ويچارو پنهنجي مٺائي واپس کڻي هليو ويو.

(حيات اعلي حضرت ، ۹۲)

سُنّتوں کو جِلادیا جس نے　　دِین کا ڈنکا بجا دیا جس نے
وہ مجدّد ہے دِین و ملّت کا　　واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
جو ہے اللہ کا ولی بے شک　　عاشقِ صادقِ نبی بے شک
غوثِ اعظم کا جو ہے متوالا　　واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

## مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه صرف رِضاءِ الٰهي جي لاءِ دِيني ڪمن ۾ مخلوقِ خدا جي مدد ڪندا هئا ۽ هن ڪم جي بدلي ڪنهن به قسم جو نذرانو وٺڻ پسند نه ڪندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي به اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سيرت تي عمل ڪندي خير خواهي امت جي لاءِ ڪم و بيش104 شعبن ۾ خدمت سر انجام ڏئي رهي آهي. هنن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريه به آهي. هن مجلس تحت ڏکايل مسلمانن جي غم خواري جي لاءِ تعويذات ۽ ورد وظيفن جي ذَرِيعي بيمارين ۽ پريشانين جو فِي سَبِيلِ اللّٰه رُوحاني عِلاج ڪيو ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي فائدو پهچائڻ جي لاءِ پاڪستان ۾ ڪم وبيش 750 ڪان وڏيڪ ۽ پاڪستان کان ٻاهر 230 ڪان وڏيڪ هنڌن تي تعويذاتِ عطاريه جي بستن تان ماهوار ڪم وبيش (335,000) مريض ۽ انهن جا نُمائندا فيضياب ٿيندا آهن جنهن کي تقريباً 6 لک تعويذات ۽ اَوْرادِ

عطاريہ في سبيل الله پيش ڪيا ويندا آهن. هن شعبي جي تحت ”استخاره مجلس“ بہ قائم آهي جنهن جي ذريعي روزانو سچي دُنيا مان فون ذريعي ڪثير عاشقانِ رسول اِستخاره ڪرائي پنهنجي مسئلن جي حل ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ماهوار ڪم وبيش 55,000 (پنجونجاهہ هزار) جي ويجهو اسلامي ڀائر هن اِستخاره سروس تي رابطو ڪن ٿا. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتي ۾ 2 ڏينهن مدني چينل تي رُوحاني علاج و استخاره نالي سلسلو براهہ راست نشر ٿيندو آهي ان جي علاوه دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي اي ميل استخاره سروس بہ موجود آهي. جنهن تي روزانو سوين ميلون ايندڻون آهن. الله پاڪ ”مجلس مڪتوبات وتعويذاتِ عطاريہ“ کي مزيد ترقي ۽ عروج عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت ۽ نمازِ باجماعت جي پابندي

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پير جو آڱونو پچي پيو، سندن خاص جراح (Surgeon) (جيڪو شهر ۾ سڀ کان هوشيار جراح هو ان) هن آڱوٺي جو آپريشن ڪيو، پٽي (Bandage) ٻڌڻ کان پوءِ ان عرض ڪيو: حضور جيڪڏهن حرڪت نہ ڪندو تہ اهو زخم ڏهہ ٻارهن (12/10) ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندو نہ تہ وڌيڪ وقت لڳندو اهو هي چئي هليو ويو، اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو ٿي تہ مسجد جي حاضري ۽ جماعت جي پابندي ترڪ ڪئي وڃي. جڏهن ظهر جو وقت آيو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وضو ڪيو ٻيهي نہ سگهندا هئا ويهي ٻاهر دروازي تائين آيا ماڻهن ڪرسي تي ويهاري مسجد ۾ پهچايو ۽ ان وقت پاڙي وارن ۽ خاندان وارن اهو طئي ڪيو تہ هر آذان کان پوءِ اسان سيني مان چار مضبوط ماڻهو ڪرسي کڻي حاضر ٿي ويندا سين ۽ پلنگ تان ئي ڪرسي تي ويهاري مسجد جي محراب جي ويجهو ويهاريندا سين. اهو سلسلو ڪم وبيش هڪ مهيني تائين وڏي پابندي سان هلندو رهيو جڏهن زخم درست ٿي ويو ۽ پاڻ

خود هلڻ لائق ٿيا ته اهو سلسلو ختم ٿيو. اعليٰ حضرت جي نماز ته نماز آهي سندن جماعت جو ترڪ به بلاعُذرِ شرعي شايد ڪنهن شخص کي ياد نه هوندو.
(فيضان اعلي حضرت ، ١٣٦)

اس کی ہستی میں تھا عمل جوہر سنّتِ مصطفےٰ کا وہ پیکر
عالمِ دین،صاحبِ تقویٰ واہ کیا بات اعلیٰحضرت کی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نمازِ باجماعت سان محبت ۽ جذبو ملاحظ ڪيو ته پير ۾ شديد زخم سبب هلڻ ۾ دُشواري آهي، پوءِ به مسجد ۾ وڃي نمازِ باجماعت ادا ڪري رهيا آهن. پر بعض نادان مسلمان نماز جي وقتن ۾ گهٽي جي ڪُنڊن ۽ چوڪن ۽ دڪانن تي ويهي فضول ڳالهين ۾ مشغول رهندا آهن، دڪاندارن ۽ دفترن ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي لاپرواهي جو اهو عالم آهي جو اَذانون ٿي وينديون آهن، مسجدن ۾ جماعت به خَتم ٿي ويندي آهي ايستائين جو مَصروفيت جي نالي تي نماز جو وقت به گذاري ڇڏيندا آهن پر انهن کي ٿورو اِحساس تائين ناهي ٿيندو ۽ جيڪي ماڻهو نماز پڙهن ٿا يا ته بغير جماعت جي پڙهن ٿا يا پوءِ گهر ۾ ئي پڙهي وٺندا آهن. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي دنيوي نفعي جو لالچ ڏئي اهو چيو وڃي ته اوهان وٽ جيڪو مال آهي، اهو هتي ته هڪ روپيي جو وڪامندو پر ان کي سمُنڊ پار وڃي يا ٻي شهر وڃي وڪڻيو وڃي ته 27 روپين ۾ وڪامندو ته شايد هر شخص سمُنڊ پار وڃي ئي پنهنجي مال وڪڻڻ کي ترجيح ڏيندو ڇوته 27 گُنا نفعو ڇڏڻ ڪو به پسند نه ڪندو. پر تَعَجُّب آهي اهڙن مسلمانن تي جيڪي مال وڪڻڻ ۽ مال ڪمائڻ خاطر ته ڪيئي ڪيئي ڪلاڪن جو سفر ڪري وٺندا آهن پر ڪجھ قَدَم هلي مسجد ۾ باجماعت نماز اَدا ڪرڻ لاءِ ڪو تيار ناهي، 27 گُنا ثواب ڪمائڻ جي ڪنهن کي پرواهه ئي ناهي، حالانڪ اسان جا هٿ پير سَلامت آهن، اچ وڃ ۾ به ڪا دُشواري نه آهي مسجدون اسان جي گهرن جي ويجهو مَوجُود

آهن جيڪڏهن ٿورو پري به هجن ۽ پيدل وڃڻ ۾ سُستي ٿئي ته گاڏي، موٽر سائيڪل (Motorcycle) جي ذريعي وڃڻ جي ترڪيب ٿي سگهي ٿي پر پوءِ به اسان نَفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي فَقط غَفلَت ۽ سُستي جي ڪري باجماعت نماز جو ثواب ڇڏي ڏيون ٿا. اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته ڏيان سان اها حديثِ پاڪ پڙهن ۽ بار بار هن تي غور ڪن ۽ عبرت جا مدني گل وٺي سُستي ۽ غفلت کان جان ڇڏائيندي نمازِ باجماعت جي پابندي جو ذهن ناهين.

رحمت واري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪجهه نمازن ۾ ڪجهه ماڻهن کي غير حاضِر ڏٺائون ته اِرشاد فرمايائون: مان چاهيان ٿو ته ڪنهن شخص کي حڪم ڏيان ته اهو نماز پڙهائي، پوءِ مان انهن ماڻهن ڏانهن وڃان جيڪي نمازِ (باجماعت) کان پوئتي رهجي ويندا آهن ۽ انهن تي انهن جا گهر ساڙي ڇڏيان. (مسلم، كتاب المساجد۔۔۔الخ،باب فضل صلاة الجماعة وبيان التشديد۔۔۔الخ، الحديث:١٤٨١، ص٢٥٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي پنهنجي اُمَّت سان بيحد مَحَبَّت ڪن ٿا ۽ سڄي سڄي رات اُمَّت جي بخشش ۽ مغفرت جي لاءِ لڙڪ وهائن ٿا، اهڙا شَفيق ۽ ڪريم آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شانِ جَلال ۾ فرمايو: جيڪي ماڻهو جماعت سان نماز نٿا پڙهن، منهنجي دل چاهي ٿي ته انهن جي گهرن کي باهه لڳائي ڇڏيان. ياد رهي! هن واقعي مان ڪو اهو نه سمجهي ته مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جماعت سان نماز نه پڙهندا هئا، مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن ڳالهه جي وَضاحت ڪندي لکن ٿا: هتي گفتگو جو رخ مُنافقن ڏانهن آهي، ڇوته ڪو به صَحابي بِلاوجه جماعت ۽ مسجد جي حاضري نه ڇڏيندو هو. (مرأة المناجيح، ١٦٨/٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي مسجد ڀريو تحريڪ آهي ۽ هي چاهي ٿي ته ڪنهن نموني اُمَّتِ مُسلمہ جو ٻچو ٻچو پڪو نَمازي بڻجي

وجي. اچو! اسان سيئي گڏجي هن نيڪ ڪم ۾ دعوتِ اسلامي سان تَعاوُن ڪريون، پاڻ بہ باجَماعت نماز جي پابندي ڪريون ۽ ٻين کي نَمازي بڻائڻ جي مُهم بہ تيز کان تيز تَر ڪري ڇڏيون، جڏهن بہ باجماعت نماز جي لاءِ مسجِد ڏانهن وڃڻ لڳون، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 2 تي عمل جي نيت سان ٻين کي باجماعت نماز جي ترغيب ڏياري گڏ وٺي وڃون. جيڪڏهن اسان جي ذريعي هڪ ماڻهو بہ نمازي بڻجي ويو تہ جيستائين اهو نمازون پڙهندو رهندو ان جي هر هر نماز جو اسان کي بہ ثواب ملندو رهندو، نہ تہ گهٽ مان گهٽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب تہ ضرور ملندو.

نمازوں میں مجھے ہرگز نہ ہو سُستی کبھی آقا
پڑھوں پانچوں نَمازیں باجماعت یَارَسُوْلَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت ۽ دعوت اسلامي

منا منا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي، علم دين کي ڦيلائڻ ۽ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مجددِ دين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان ڪيل 10 روشن اصولن تي عمل ڪري رهي آهي. اچو! اهي 10 اصول ۽ انهن جي روشني ۾ دعوت اسلامي جون مختصر ديني خدمتون ملاحظہ ڪيو، جيئن تہ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا:

(1) عظيم الشان مدرسا کوليا وڃن جن ۾ تعليم جو باقاعده سلسلو هجي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مقصد جي تحت دعوت اسلامي ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾

ڪوڙ جامعات المدينہ (للبنين و للبنات) مدارس المدينہ (للبنين و للبنات) ۽ دارالمدينہ (للبنين و للبنات) قائم ڪيا آهن.

(2) طالبن کي وظيفہ ملن جو ڪنهن بہ طرح انهن ۾ شوقِ علمِ دين پيدا ٿئي.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي رهائشي طالبن کي اعليٰ تعليمي نظام سان گڏو گڏ انهن کي کائڻ پيئڻ جي ضروريات ۽ رهائش جون بهترين سهولتون ڏيندي آهي، جڏهن تہ تخَصُّص فِي اللُّغةِ العَرَبِيّه(عربي لينگويج ڪورس) ۽ انگلش لينگويج ڪورس ڪرڻ وارن سمورن طالبن جي خدمت ۾ هنن سهولتن جي علاوه 3600 روپيہ بطور وظيفو پيش ڪندي آهي.

(3) سني ڪارڪردگي تي مدرّسن کي وڏيڪ تنخواهون ڏنيون وڃن تہ جيئن گهٽي ڪوشش ڪن.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسن جي تنخواهن جي باري ۾ اعليٰ حضرت جي بيان ڪيل هن اصول تي عمل ڪندي دعوت اسلامي مدرسن کي سٺيون تنخواهون، سالانو اضافو ۽ بونس ڏيڻ جو اهتمام ڪندي آهي.

(4) طالبن جي تبيعت کي پرکيو وڃي، جيڪو جنهن ڪم جي وڏيڪ مناسب ڏٺو وڃي، ان کي بهترين وظيفو ڏئي ان ڪم ۾ لڳايو وڃي. ائين انهن ۾ ڪجهہ مدرس، ڪجهہ مبلغ، ڪجهہ مصنف، ۽ مناظر بڻايا وڃن پوءِ تصنيف ۽ مناظري ۾ بہ تقسيم ڪاري هجي، ڪو ڪنهن فن تي ڪو ڪنهن فن تي (مهارت حاصل ڪري) ۽

(5) انهن مان جيڪي تيار ٿيندا وڃن تنخواهون ڏئي ڪري ملڪ ۾ ڦيلايا وڃن جو تحرير، تقرير، وعظ ۽ مناظري جي ذريعي دين ۽ مذهب کي ڦيلائن.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدرسن ۽ جامعات وغيره ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ وارا طلبہ ڪرام، علمي مشغوليت مان فارغ ٿيڻ کان فورا بعد

مختلف شعبن ۾ مقرر ڪيا ويندا آهن. گھڻن طالبن ڪي اعليٰ صلاحتن جي ڪري تعليم جي آخري مرحلن مان ٿي تدريس، دارالافتا يا خدمتِ دين جي ڪنهن ٻئي شعبي لاءِ چونڊيو ويندو آهي، بعض مدرسن ۽ مدني عالمن ڪي مختلف ملڪن ۾ به موڪلڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي.

(6) تصنيف جي قابليت رکڻ وارن کي نذرانہ ڏئي ڪري انهن کان مذهب جي حمايت ۽ بدمذهبن جي رد ۾ مفيد ڪتاب ۽ رسالا تصنيف ڪرايا وڃن. ۽

(7) تصنيف ڪيل رسالا سٺي نموني ڇپائي ملڪ ۾ مفت شايع ڪيا وڃن.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي هنن ٻنهي اصولن تي عمل ڪندي المدينة العلميہ جي صورت ۾ ڪم و پيش ٻارنهن سالن کان تحرير ۽ تصنيف جو ڪم خوبصورت انداز ۾ ڪري رهي آهي هن مختصر عرصي ۾ هزارين ڪتاب ۽ رسالا مڪتبة المدينہ جي تعاون سان شايع ٿي ڪري منظر عام تي اچي چڪا آهن.

(8) هر شهر ۾ توهان جا نگران هجن، جتي جنهن قسم جا مبلغ يا مناظر يا تصنيف جي حاجت هجي توهان کي اطلاع ڏين. توهان دشمنِ اسلام جي مقابلي ۾ پنهنجا عالم، ميگزين ۽ رسالا موڪليندا رهو.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! خدمتِ دين ۽ فروغِ علمِ دين جي سلسلي ۾ هن اصول تي به دعوت اسلامي ڪافي حد تائين عمل ڪري رهي آهي جنهن جو هڪ مثال دعوت اسلامي جي ملڪ ۽ بيرون ملڪ سنتن جي خدمت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارا مدني قافلا ۽ دعوت اسلامي جا مبلغ ۽ اراڪينِ شوريٰ جا وقت به وقت نيڪي جي دعوت جي خاطر دورا به آهن. ان کان علاوه اندرونِ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذريعي وڏي پيماني تي ڪتاب ۽ رسالا به پهچايا پيا وڃن.

(9) ۽ جيڪو اسان مان(ديني) ڪم جي قابل موجود هجن پر پنهنجي ڪم ڪار

۾ مشغول آهن، وظيفه مقرر ڪري انهن کي معاشي فڪرن سان آزاد ڪيو وڃي ۽ جنهن (ديني) ڪم ۾ ان کي مهارت هجي اهو ڪم ڪرايو وڃي.

(10) مذهبي اخبار شايع ٿئي ۽ وقت به وقت هر قسم جا مذهب جي حمايت ۾ مضمون سيني ملڪن ۾ قيمت ۽ بغير قيمت جي روزانو يا گهٽ مان گهٽ هفتہ وار پهچائيندا رهو.(فتاوي رضويه، 29/599)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي هن اهم نڪتي تي عمل ڪندي"مدني چينل" ۽ "آئي ٽي" جي ذريعي اليڪٽرانڪ ميڊيا جڏهن ته بين ڪتابن ۽ رسالن جي اشاعت سان گڏو گڏ "ماهنامہ فيضانِ مدينہ" (دعوت اسلامي) جي اشاعت جي صورت ۾ پرنٽ ميڊيا جا جديد ذرائع به استعمال ڪيا آهن.
الله ڪريم اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي طفيل عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو ته

- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ذات تي ٻين کي ترجيح ڏيندا هئا.
- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مسلمانن سان شفقت ۽ نرمي وارو ورتاءُ ڪندا هئا.
- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه غريبن جي دل کولي مدد ڪندا هئا.

الله ڪريم اسان کي به اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نَقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجاهِ النَّبِي الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۵۵/۱،حديث:۱۷۵)

## مطالعو ڪرڻ جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! مطالعو ڪرڻ جي باري ۾ ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: بيشڪ علم سکڻ سان اچي ٿو. (كنز العمال،۱۰/۱۰۴، حديث: ۲۹۲۵۲) (2) فرمايائون: دنيا ملعون آهي ۽ الله پاڪ جا ذڪر، ان جا ولي يعني دوست ۽ ديني علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري جي علاوه ان جي هر شيءِ بہ ملعون آهي. (تِرمِذي، كتاب الزهد،۴/۱۴۴،حديث:۲۳۲۹) ❖ مطالعو ايمان جي مضبوطي ۽ پختگي جو سبب آهي. (مطالعه كيا،كيوں ۽ كيسے؟ص١٦) ❖ مطالعي سان علم وڌي ٿو. (ايضاً ص١٧) ❖ مطالعو معرفت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. (ايضاً،ص١٨) ❖ مطالعي سان ڪائنات ۾ غور و فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻجندو آهي. (ايضاً،ص١٨) ❖ مطالعي سان عقل ۽ شعور ۾ اضافو ٿيندو آهي. (ايضاً، ص١٩) ❖ مطالعو انسان جي ديني ۽ دنياوي ٻنهي ترقين جو سبب ٿيندو آهي. (ايضاً،ص١٩) ❖ مطالعو طبيعت ۾ نشاط، نگاهن ۾ تيزي ۽ ذهن ۽ دماغ کي تازگي عطا ڪندو آهي. (ايضاً، ص١٩ملخصاً) ❖ اهڙن ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن کان هميشہ پري رهو جيڪي ايمان جي لاءِ زهر قاتل، بي حيائي سان ڀريل ۽ اخلاق کان ڪريل هجن. (ايضاً،ص٢٩) ❖ پنهنجن اڪابرن جا حالات ڄاڻڻ ۽ انهن جي نيڪ ڪمن کي اپنائڻ جي لاءِ انهن جي احوال ۽ ڪوائف تي مشتمل ڪتابن جو مطالعو بہ ضروري آهي. (ايضاً،ص٣٣) ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن توهان کو علم حاصل ڪرڻ لڳو يا مطالعو ڪرڻ چاهيو تہ بهتر آهي تہ توهان

جو علم ۾ مطالعو تزڪيہ نفس ۽ دل جي اصلاح جو باعث ٿئي. (ايضاً،ص٣٢) ❖ قوت حافظ جي لاءِ جتي ٻيون دوائون استعمال ۾ وظيفا ڪيا ويندا آهن اتي هڪ دوا مطالعو بہ آهي. (ايضاً،ص٣٦) ❖ ڪوشش ڪريو تہ ڪتاب هر وقت گڏ رهي تہ جتي موقعو ملي ڪجھ نہ ڪجھ مطالعو ڪيو وڃي ۽ ڪتاب جي صحبت بہ ميسر رهي. (ايضاً،ص٣٦) ❖ مطالعو ڪرڻ کان بعد تمام مطالعي کي شروع کان آخر تائين سرسري نظر سان ڏٺو وڃي ۽ ان جو هڪ خلاصو پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪيو وڃي. (ايضاً،ص 112) ❖ پنهنجو اِحتِساب ڪرڻ بہ فائديمند آهي تہ مون کي هن مطالعي مان ڇا حاصل ٿيو ۽ ڪهڙو مواد ذهن نشين ٿيو ۽ ڪهڙو نہ. (ايضاً،ص 112) ❖ ڪنهن ڳالھ کي ياد ڪرڻ جي لاءِ اکيون بند ڪري يادداشت تي زور ڏيڻ مفيد آهي. (ايضاً، ص 117) ❖ جيڪو مطالعو ڪريو ان کي چڱين نيتن سان پنهنجي گهر وارن ۽ دوستن کي ٻڌايو اهڙي نموني بہ معلومات جو ذخيرو گهٽي عرصي تائين اسان جي دماغ ۾ محفوظ رهندو. (ايضاً، ص112) ❖ جيڪو ڪجھ پڙهون ان جي دهرائي (Repeat) ڪندا رهو. (ايضاً،ص 112) ❖ شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدَني مذاڪرن ۾ علمِ دين جا رنگ برنگي مدني گل ارشاد فرمائن ٿا هنن مدني مذاڪرن جي برڪت سان پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ، ان کي ٻين تائين پهچائڻ ۽ مزيد مطالعو ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. (ايضاً،ص 115)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305